# ڪجھ پراڻا رسالا

Gul Hayat Institute

درمحمد پٺاڻ

، ڪي ــ نهوڙي نئي٠٠٠٠٠

اوهان ڪي پاڪستان جي موجوده سرڪار تي ٻه پاڙ نـــــ

ڳهرجي٠٠٠٠٠ هي ماڻهو خود غرض۽ ٻزدل آهن جيستائين اسان جو پاسو

زور آهي تيستائين هواسان سان آهن٠٠٠٠٠٠ اهي خط لفافن ۾ بند ڪري

خاص قاصدن جي هٿان جن مکيه ماڻهن ڏانهن موڪليا ويا تن جا نالا هـــي

آهن:

مسٽر غلام برطانيه، ڪامريڊ لامذهب، مسز بي حيا، مس فاحشه جان،

مس فلم جان ، مسٽر رشوت شاهه، نواب شراب خان، مولانا ايمان فروش٠٠"(١)٠

---

(١) ڏسو، "موذن"، جلد ١، نمبر ١، ڇهين سيپٽمبر ١٩٥٨ع ص ١٨-٢٠

پُٽ: شل ڪو منهنجو ابو مري
پوءِ بندو هي عيش ڪري
دل منهنجي خوب سڙي
ابي امڙ ڪئي جلدي مار - سائين منهنجا سرجهار

موالي: ليڪن چاهي پنگ موالي
ڪين ڪپي ٿو سالو سالي
پنڪين لاءِ هردم آءٌ سوالي
سائين منهنجا سرجهار - پنگ ذري هر روز ڏيار.

۰۰۰۰۰۰ ماستر جي عيوض اسان وٽ لفظ آهي "استاد"، "استاد" جي معنوي ڀورن لفظن ۾، ته عقل جو سائين۰

زمانه حال کان اڳ، پاڙهيندڙ کي ڪوٺيندا هوا ملو، اوجهو۰ اج به سيوهڻ جا رهواسي ٻار کي سڪول ۾ وهارڻ وقت چون "ٻار اج ملي وينو"۰ شڪارپور وارا اج به چون "ٻار اوجهي ويو آهي"۰۰۰۰۰۰

گجراتي ۾ چون "سڪشڪ" ۽ پارسي ۾ "معلم" جنهن ٻيو اڪر انگريزيءَ ۾ آهي "ٽيچر"، اِنهن لفظن جي معنوي آهي "سيکاريندڙ"۰ پر اسان جي ڀارت ۾ ان جو آهي "وديا گرو"۰ "وديا گرو" شبد اچاريندي جو من ۾ ميٺاج ٿو ڀر گهٽي سو نرالو آهي۰ شل پنهنجيءَ رهڻي ڪهڻي، سوچ ۽ سوڌي رکڻ سان ڀهريل پوش "ماستر" نالي کي اصلوڪي اوچ "وديا گرو" جي پد تي پهچايون(۱)۰

---

(۱) ماستر ماهوار، نمبر ۱، سال ۱، جنوري ۱۹۲۶ع ص - ۳

## گيان اديہ سچتر ماسڪ پتر۰

تعارف: هي ماهوار رسالو مولچند نارومل جي سمپاد ڪيءَ هيٺ مارچ ١٩٢٦ع کان وٺي جاري ٿيو۰ رسالي جي آفيس ڪاغذي بازار ڪراچيءَ ۾ هوندي هئي ۽ اهو " هندو پريس" ۾ ڇپبو هو۰ رسالو ٻيمي سائيز جو ۽ ذري گهٽ مني سو کن صفحن تي مشتمل هوندو هو (١)۰

انتظامي پاليسي: ڪو به رسالو يا اخبار ڪنهن نه ڪنهن انتظامي پاليسيءَ تي مبني ٿئي ٿو۰ هن رسالي جي پاليسي هن ريت هئي:

١- رسالي جو سال مارچ مهيني کان شروع ٿيندو هو۰

٢- رسالي جو ساليانو چندو هن ريت هو:

(الف) ڪراچي وارن لاءِ سوا روپيو

( ب ) ڪراچيءَ کانسواءِ باقي هندستان لاءِ ڏيڍ روپيو

( پ ) هندستان کان ٻاهر وارن لاءِ ٻه روپيا

٣- رسالو هر مهيني جي پنجويهين تاريخ اندر نڪري ويندو هو۰

٤- هن رسالي جا همدم رسالن جا منتظمين گراهڪن کي اڪثر ڪري سال جي آخر ۾ هڪ ڪتاب ڀيٽ طور ڏيندا هئا، پر هن رسالي جي خريدارن ۽ پڙهندڙن کي ڏن گراهڪن ڪري ڏيڻ تي هڪ سال جا پرچا مفت ۾ ڏنا ويندا هئا(٢)۰

اغراض و مقصد: هرڪو رسالو، يا اخبار ڪنهن نه ڪنهن مقصد کي آڏو رکي جاري ڪبو آهي۰ هن رسالي جو مقصد هو پڙهندڙن کي علم ادب، ڌرم ۽ سماج جي اهميت ۽ مسئلن کان واقف ڪرڻ۰ رسالي جو ايڊيٽر رسالي جي اغراض و مقاصد تي روشني وجهندي لکي ٿو ته: " اسان جو گهڻن ڏينهن کان ويچار هو، ته ڪو اهڙو پتر ڪڍجي جنهن ۾ خاص ڪري ڌارمڪ ، اتهاسڪ ۽ تندرستيءَ تي ليک پون۰ جي اسان جا سنڌ واسي پائر پڙهي منجهائن ڪو بحرو حاصل ڪن۰ خاص ڪري استرين، ٻارن ۽ شاگردن جي واسطي به سٺا سٺا ليک وجهجن، جنهن ڪري هي پتر هر ڪنهن ڪٽنب جي واسطي ڪارائتو ٿئي" (٣)۰

---

(١) گيان اديہ سچتر ماسڪ پتر، مارچ ١٩٢٦

(٢) ايضا ص - ١

(٣) ايضا ص - ٤

۽ طوطي وانگر ياد ڪري سائين جن امتحان اچي وڪيل يا ڊاڪٽر يا ماستر ٿين"(١).

رسالي جي علمي ۽ ادبي معيار ۽ مواد جي اندازي لڳائڻ لاءِ هڪ پرچي جي مواد جو وچور ڏجي ٿو.

| | | |
|---|---|---|
| ١- "گيان اديہ منگلا چرڻ" | ارشڪار: مولچند نارومل | ڌرمي مضمون |
| ٢- " چندر ڪانت" | ايضا | ايضا |
| ٣- " سونهري پشڪ" | ليکڪ: ايضا | آکاڻي |
| ٤- " ست اپديش" | مرتب: ايضا | ڌرمي ۽ اخلاقي نقطا |
| ٥-"سوامي رام تيرٿ" | ليکڪ: ويرومل هيمون مل | سوانح |
| ٦- "منهن جا وچار" | ليکڪ: ڊاڪٽر هورام شرما | صحت تي مضمون |
| ٧- "راما روپ نروپڻ" | ليکڪ: ويرومل هيمون مل | عورتن متعلق مضمون |
| ٨- "مهاراڻو پاپا راول" | ليکڪ: مولچند نارومل | تاريخي ڪهاڻي |
| ٩-" سشيل سندري" | ليکڪ : ......؟ | قسط وار ناول (٢) . |

---

(١) "گيان اديہ سچتر ماسڪ پتر"، مارچ، ١٩٢٦ع ، ص ٣٥-٣٦

(٢)ڏسو "گيان اديہ سچتر ماسڪ پتر"، مارچ ، ١٩٢٦ع

اپريل ۱۹۳۸ع ۾   ناول، "پيانث بدمعاش"

انهيءَ کان سواءِ هن ماهوار رسالي ۾ جيڪي پڻ ناول شايع ٿيا ٿن جو وچور هن ريت آهي:

۱- "شرين ۾ خون"، ۲- "غيبي خون"، ۳- "دشمن"، ۴- "خوني زمـــرد"، ۵- "شيطان جي کوپري"، ٦-"رازدار خوني"، ۷- "شريف شيطان"، ۸- "نردئي نقاب پوش"، ۹- "ڪرامتي انسان"، ۱۰- "خوني تلوار" ليکڪ: هاسومل پيسومل ناشاڻي، ۱۱- "قهري تلوار" ليکڪ: هاسومل پيسومل ناشاڻي، ۱۲-" قاتل ڏينهو" ليکڪ: هيرانند وي - ساجناڻي" طالب"، ۱۳- "ڦاسي"، ۱۴- "بدمعاشن جـي پارليامينٽ"، ۱۵- "نقاب پوش" ليکڪ: محمد بخش سڪايل، ۱٦- "طوفــان" ليکڪ: هاسومل پيهومل ناشاڻي، ۱۷- "زهري تير"، ۱۸- "موتمار بجلـــي" ليکڪ: دولت رام هيمنداس ڪلياڻي، ۱۹- "زهري زخم"، ۲۰- "بلئڪ جي شادي"، ۲۱- "آرين لوپن جو انتقام"، ۲۲- "دغا"، ۲۳- "خوني بدلو"، ۲۴- "برقعي ۾ سرقعو"، ۲۵- "پراسرار"، ۲٦- "شاهي اڏيهي عرف شوپارپتي".

## اصلاح

تعارف: هوءَ هفتيوار اخبار سند جي نامياري اديب ۽ شاعر مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي سرپرستيءَ هيٺ نومبر ١٩٣٦ع ۾ جاري ٿيو. عبدالغفور رحماني سيتائي محمد هاشم محراب پوري ۽ جمالدين محمد هاشم هن اخبار جا مدير مسئول ٿي رهيا، ۽ عبدالله عبد انهن جو معاون ٿيو. اخبار پارت پرنٽنگ پريس ڪراچيءَ ۾ ڇپبي هئي، ان جو دفتر ڪچهري روڊ تي هوندو هو. اخبار جو چندو هن ريت هوندو هو.

عوام کان ساليانو - ٽي روپيا

عوام کان ششماهي - ڏيڍ روپيو

علماءِ ڪرام کان ساليانو - هڪ روپيو

اخبار ۾ جيڪي اشتهار وغيره پوندا هئا، انهن جا اگهه هن ريت هئا (١).

هڪ سٽ سنڌي زبان ۾ چار آنا

هڪ سٽ انگريزي زبان ۾ پنج آنا

ترتيب ۽ مواد: اخبار جو سرپرست ۽ ان جو باقي عملو نه صرف "صحافت جي دنيا" جا چمڪندڙ ستارا هئا، بلڪ انهن منجهان ڪن کي ته سنڌي علم ادب ۾ پنهنجو پنهنجو منفرد مقام حاصل هو. اهي نه رڳو قلم جا ڌڻي هئا، پر ذات ڌڻي به هئا. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي توڙي عبدالله عبد نه رڳو سٺا نثر نويس هئا پر چڱا ڀلا شاعر به هئا. هنن جي فڪر سبب "اطلاح" صحافت" ۽ علم ادب جي ميلاپ جو بهترين فن ٿي چڪي هئي. انهن جهڙي نموني "اصلاح" کي سنواري ۽ سينگاري پئي عوام آڏو پيش ڪيو ان جو خاڪو ڪجهه هن ريت ٿئي ٿو:

اخبار جي پهرين صفحي تي وقت جي ڪنهن به نامياري شاعر جو هڪڙو ڪلام ڏنو ويندو هو. هن صفحي جي سينگار لاءِ ڪڏهن ڪڏهن خود حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جو نالو ۽ ڪلام ڪٿ آندو ويندو هو. ان کان سواءِ عبدالله عبد محمد هارون امير ۽ شيخ نور محمد نماڻو وغيره جي شاعري به هن صفحي تي شايع ٿيندي هئي.

---

(١) ڏسو هفتيوار "اصلاح" ڪراچي، جلد ١، نمبر ٢٩، مورخه ١١-٦-١٩٣٧ ص ١

هن صفحي تي جيڪو ڪلام شايع ٿيو انهيءَ منجهان فتح محمد سيوهاڻي جو شعر ( غلامي ۽ تباهي ) مان چند مصرعون مثال طور هيٺ ڏجي ٿي.

ٿيو قلب آهي قلم جو قيمو، ٿيو آهي مثل ڪباب شامي
ٿي روشنائي به ڏک کان خاڪ سياهه آهي سڙي ۽ ڪامي
ڳڙن ٿا ڏک جا اکين مان ڳوڙها، ۽ رت به ريلا ڪري وهي ٿو
ڏسي وطن جي تباهه حالي ۽ قوم پنهنجي جي هي غلامي
اڳي اسان جو هو شان عالي، هينر خرابي ۽ خسته حالي
دماغ بيجا ۽ ڪيسا خالي، هي سڀ اسان جي آ پنهنجي خامي
.....الخ (١)

هن صفحي تي جا شاعري شايع ٿي، سا ان دور جي سنڌي مسلمانن جي ادبي، قومي ۽ اخلاقي شاعري جو بي مثال شاهڪار آهي.

اخبار جي اندرين صفحن ۾ هڪ اڌ مضمون، ايڊيٽوريل ۽ اشتهار، خاص خبرون، مذاحيه ڪالم " تفريحات" وغيره ڏنو ويندو هو.

مضمونن جي مطالعي ڪرڻ کان پوءِ چئي سگهجي ٿو ته انهن جو تعلق اڪثر ڪري سنڌ جي مسلمانن جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي ۽ اقتصادي مسئلن سان هوندو هو، ۽ هنن ئي مضمونن وسيلي قوم جي ترجماني ڪئي ويندي هئي. مثال طور مضمونن جي هيءَ مختصر وچور ئي ڏسو:

(١) "ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن ۾ مسلمانن ميمبرن جي حاضريءَ جو نقشو".

ليکڪ: حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ، مورخه ١١-١٢-١٩٣٦

٢- " ورنيڪيولر فائيل جي ڪورس ۾ درستي ٿيڻ کپي"

ليکڪ : عبدالله عبد مورخه ٣-٦-١٩٣٧

٣- "مسٽر جمشيد مهتا پنهنجي اصلي رنگ ۾ "

ليکڪ: ....؟ مورخه ٢٥-٦-١٩٣٧

هنن مضمونن کان سواءِ ڪڏهن ڪڏهن اخبار ۾ ادبي ۽ علمي مضمون به پوندا هئا.

جهڙي نموني اخبار جا مضمون قوم جي ترجمانيءَ جو ذريعو هئا، ته

---

(١) ڏسو، هفتيوار "اصلاح " ڪراچي، جلد ١، نمبر ٣، مورخه ١١-١٢-١٩٣٦ ص١

سلم الله" جي قلمي نالي سان لکيو ويندو هو. ڪالم مثال طور هت ڏجي ٿو:

" يورپ جي پيدا ڪيل بدعت جي پيروي ڪندي، دنيا ۾ معمولي طرح ته قسمين قسمين ڪانفرنسون ٿينديون رهن ٿيون ۽ ٿينديون رهنديون، مگر هاڻي جو حضور جا نور نواز وائسراءِ صاحب بهادر جي سرپرستيءَ هيٺ هڪ تازه بتازه ۽ نوبنو ڪانفرنس "آل انڊيا چوپايا جناور ڪانفرنس" شمله شريف ۾ ٿي گذري. پنهن جي نموني ۽ نوعيت جي هڪ نرالي ۽ عجيب ڪانفرنس چئبي. انهي ڪانفرنس جو نالو انگريزيءَ ۾ آهي "آل انڊيا ڪيٽل ڪانفرنس" يعني سڄي هندستان جي چوپايا جانورن جي ڪانفرنس پر اوهين ڀڏي عجب کائيندو ته انهيءَ " آل انڊيا چوپايا جانور ڪانفرنس" ۾ سڄو هندستان ته پري ٿيو، پر شمله شريف جي آس پاس جي جنانورن مان به ڪو هڪ ڊيليگيٽ يا وزيٽر حاضر ڪونه هو. تڏهن اوهين پڇندا ته ڇا ڪانفرنس ڪامياب نه ٿي؟ نه صاحب، نه، ڪانفرنس ان هوندي به تمام چڱيءَ طرح ڪامياب ٿي. منجهس جيتوڻيڪ چوپايا جانور حاضر ڪين هوا، ته به انهن جا پائر به پايا جانور سڄي هندستان مان سرڪار چونڊي موڪليا هوا، جي پنهنجي زبان پائرن جا ترجمان ٿي، ڪانفرنس ۾ براجمان اچي ٿيا. ٻين پرڳڻن جي اسان کي خبر ڪانهي ته ڪهڙي قدوقامت جا ڊيليگيٽ موڪليا ويا هوا. پر سنڌ مان اسان جو سدا ٿلهو متارو، وڏي دماغ ۽ وڏي پيٽ وارو خانصاحب گبول به لهوءَ چوپايا جانور ڪانفرنس ۾ بطور ڊيليگيٽ موڪليو ويو هو"... (1).

١- اسلامي ملڪن جون خبرون

٢- دنيا جون خبرون

٣- هندستان جون خبرون

٤- خاص سنڌ جون خبرون.

(1) ڏسو، هفتيوار "اصلاح" ڪراچي، جلد ١، نمبر ٢٩، مورخه ١١-٦-١٩٣٧ ص٤

رسالي جي مضمون نويسيءَ واري حصي ۾ اڪثر ڪري هندستان جي سياسي ليڊرن ۽ علمي رهبرن جي زندگيءَ جا احوال ڏنا ويندا هئا، جيئن:

١- " پنڊت اندرديو شرما " ليک : آسنداس سيرواڻي، اپريل ١٩٤٧ع

٢- " شهيد وطن اسلم اچڙئي " ليک: ساڌو شوالداس ، جون ١٩٤٧ع

رسالي جي منتظمين جي اها به پاليسي ۽ ڪوشش هوندي هئي ته خود ٻارن ۾ لکڻ جي عادت پيدا ڪئي وڃي. ان ڪري " ٻارن جون لکڻيءَ ۾ ڪوششون" جو هڪ مستقل حصو رسالي ۾ ڏنو ويندو هو. جنهن ۾ ننڍڙا ليک پنهنجي. ابهم ۽ ڪچڙيءَ سوچ کي پياري ۽ نياري زبان جو وس ڏئي لکندا رهندا هئا. ٻارن جي لکڻين ۾ آکاڻيون شاعري ۽ ٽوٽڪا وغيرهه شايع ٿيندا رهندا هئا.

رسالي جي مستقل ڪالمن ۾ "خطن جا جواب" ۽ "ٻارڙن جي ٻارن جون سرگرميون" اچي وڃن ٿا. ان کان سواءِ تصويرن ۾ آکاڻي به ڏني ويندي هئي جيڪا هڪ کان وڌيڪ قسطن ۾ ڏني ويندي هئي.

سر ويو ٿان گهوريو، پٽي ڏرم نا ونڊو ڪڏهن

هرگز نه هي پتلو وري، ڪنهن ٻئي جو ٿيندو ڪڏهن

هرگز نه ٿئي جي سچ وچي، اوپر چڙي اولھ ٿئي

برهمانڊ سارو خاڪ ٿئي، چوطرف چاهي پرليھ ٿئي

اي دين بندو ڀڳت سٽل، ڏار ڪو اوتار هيڪـــر

سچي ڀٽي ورت ڏرم جي، رکشا ٻريو من مهل ڪر (١)٠

---

(١) پوشيده غيبي خزانو، انڪ ٢، سال ١، فيبروري ١٩٤٣ع ص٢٩

٣ـ " ٿلوڙ ٿيمي" ليکڪ لعلچند امرڏنومل

٤ـ " سنگتيءَ ۾ مون ڪي ڇا ڏٺو" ليکڪ لعلچند امرڏنومل

رسالي جنوري ۽ فيبروري ١٩٤٦ع واري پرچي ۾ " ديوانه" جي نالي هڪ ڊرامو به شايع ٿيو. هي ڊرامو هينرڪ ابسن جو لکيل هو، جنهن جو سنڌي ٻوليءَ جي مشهور ڊرامه نگار احمد غلام علي چاڳلا ترجمو ڪيو هو.

هن ڊرامي جي مطالعي سان اها حقيقت بلڪل واضع ٿيو پوي ته ادب حياتيءَ جو آئينو آهي، هي ڊرامو سماجي انقلاب جو مقصد رکي ٿو

منجهن درستون ٺيٺيون آهن. ڪتابن لکڻ ۾ گهڻي ٿي آهي ۽ گهڻي سرجوشي ڪئي ويئي آهي. سبقن جي چونڊ چڱي ڪئي ويئي آهي ۽ اڪثر ڪري سندن جوڙجڪ ۽ گهاٽ به چڱو آهي، باقي ٻوليءَ ۾ سو ڪيترا سقم ۽ عيب آهن ۽ ڪيترا باريڪ اونها ، غير معمولي خيال نڪي پوري طرح لکڻ ۾ آيا آهن ۽ نڪي پوري ريت سمجهائڻ ۾ آيا آهن ٠٠٠٠(١) الخ

نثري مواد ۾ اڪثر ڪري مختلف موضوعن تي لکيل مضمون ڏنا ويندا هئا. مکيه موضوع ۽ انهن تي لکيل مضمونن جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو:

ادبي ۽ علمي:

| نمبر | مضمون جو عنوان | ليکڪ | پرچو |
|---|---|---|---|
| ١- | ناموئي جا بيت | ؟ | نومبر ١٩٠٤ع |
| ٢- | سنڌي شاعري | محمد صديق | آڪٽوبر ١٩٠٦ع |
| ٣- | فصاحت | جان محمد عباسي | آگسٽ ١٩٠٨ع |
| ٤- | شاعري ۽ شعر | ايضا | آگسٽ ١٩٠٩ع |
| ٥- | سنڌي نظم | محمد هارون | مئي ١٩١٣ع |
| ٦- | نئون سنڌي نظم | ايضا | آگسٽ ١٩١٣ع |
| ٧- | مضمون نويسي | گل محمد آزاد | اپريل ١٩١٤ع |

اخلاقي:

| نمبر | مضمون جو عنوان | ليکڪ | پرچو |
|---|---|---|---|
| ١- | دوستي ۽ دشمني ڪهڙي شئي آهي. | عبدالغفور هالائي. | جنوري ١٩٠٥ع |
| ٢- | دل | ايضا | جولاءِ ١٩٠٦ع |
| ٣- | محبت | غلام محمد | آڪٽوبر ١٩٠٦ع |
| ٤- | دولت ڪهڙي شئي آهي | عبدالغفور هالائي | مئي ١٩٠٩ع |
| ٥- | دانائن جا قول | واڌومل مولچند | مارچ ١٩١١ع |
| ٦- | سرير هڪ عجيب مندر آهي | مولچند منشي | جنوري ١٩١٢ع |
| ٧- | موتين جي لڙهي | گوڌو مل | جون ١٩١٣ع |

---

(١) ڏسو، اخبار تعليم، حيدرآباد، جلد ٣، نمبر ٨، نومبر ١٩٠٤ع ص١

مطالعي هيٺ آيل دور (١٩٠٢ - ١٩١٥) ۾ کوڙو مل چندن مل،

پهلاجراءِ واسواڻي، محمد صديق ميمڻ ۽ عبدالغفور هالائي هن اخبار کھڻ ليکڪ مضمون نگار هئا. بهترين مضمون نگارن کي سال ۾ هڪ دفعو انعام به ڏنو ويندو هو.

اخبار ۾ جا شاعري ڏني ويندي هئي، اها به اڪثر ڪري تعليم کاتي جي ملازمن خاص ڪري استادن جي هوندي هئي. هن اخبار ۾ شايع ٿيل پهريون شعر هيٺ ڏجي ٿو:

ٻارن لاءِ ڪسرتي راڳ

اجهو ڀئون ٿا هڪ ڏينهن - سنوان سڌا ٿي ڪسرت لئي
گهڻي خوشي ۽ ڌيرج سان - ٽاڙيون وڄايون ڳايون هاڻ
پنهنجي ڪم تي رهون تيار
مزو اسان جي آهي قطار
ساڄو ڪاٻو ڪريون هيٺ - وري ڪريون ٿا مٿي نيٺ
هري هري ٿي هيٺ نمون - آهستي ٻٽ ڪريون لمون
پنهنجي ڪم تي رهون تيار
مزو اسان جي آهي قطار
ساڄي ڪاٻي ڪريون اشارو - هاٿي هيٺ مٿي جنو وارو
چيلهه مٿي هٿ سڌا سڌا - ڌريون وري ٿا نرڙ تي هٿڙا
پنهنجي ڪم تي رهون تيار
مزو اسان جي آهي قطار(١).

---

(١) ڏسو، تعليم اخبار تعليم، حيدرآباد، جلد ١، نمبر ٣، آڪٽوبر ١٩٠٢ ص ٢٦-٢٧

توں سيلاب آهين توں طوفان آهين - ڇو فڪرات پنهنجي غلطان آهين
توں فطرت ۽ قدرت جو سلطان آهين
قدم کي وڌائي هليو هل هليو هل
توں نعرو لڳائي هليو هل هليو هل
غلاميءَ کي ٽوڙي هلو نوجوانو - ۽ ٺڪرن کي ڦوڙي هلو نوجوانو
قدم پنهنجا ڪوڙي هلو نوجوانو
هلو نوجوانو ، هلو نوجوانو
"شرر" ٿو ٻڌائي ٺئون ڪو ترانو (١)۰

رسالي جي اهميت ۽ افاديت، علمي ۽ ادبي معيار کي چڱي طرح سمجهڻ لاءِ انهيءَ جي هڪ پرچي جي مواد جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي(٢):

| | | |
|---|---|---|
| ١- "اها آهي اسان جي حالت" | ليکڪ: موتي "شرر" | ايڊيٽوريل |
| ٢- " غربت جي ڪهاڻي" | " ڪشن چندر مترجم موتي"شرر" | ڪهاڻي |
| ٣- "پونجي" | " ادارو | فلمي تنقيد |
| ٤-"زندگيءَ جي تصوير" | " سانول ايدلاڻي | مضمون |
| ٥- "وڌو نوجوانو" | شاعر: موتيلال "شرر" | شاعري |
| ٦-" نيري شلوار" | ليکڪ: ايم - آر- ملڪاڻي | ڪهاڻي |
| ٧-" نجما " | " ادارو | فلمي تنقيد |
| ٨- "نيون فلمون" | " ادارو | تعارف |
| ٩-" ٻن گهڙين جي موج " | " ادارو | سوال جواب |
| ١٠-" فلم ۽ شريف گهراڻي جون ڇوڪريون" | ليکڪا: وديا ڪرپالاڻي | مضمون۰ |

---

(١) ڏسو: "فلمستان" ، ڪراچي، جلد ١ ، نمبر ٢ ، ڊسمبر ١٩٤٣ع ص ١٩

(٢) ڏسو: "فلمستان" ڪراچي، جلد ١ ، نمبر ٢ ، ڊسمبر ١٩٤٣ع

ٿوري عرصي کان پوءِ نيٺ سنڌ جي مسلمانن پنهنجي علم دوستيءَ ۽ ادب پروريءَ جو ثبوت ڏنو. وچاري ايڊيٽر کي اجايو تڪليفن ڏسڻ کان آجو ڪري ڇڏيو، ۽ هو رسالي بند ڪرڻ تي مجبور ٿيو.

مواد: " ترقي" سنڌ جي مسلمانن جو قومي، مذهبي، اخلاقي، تاريخي ۽ تبليغي رسالو هو. " هي رسالو ٽڪن ڪمائڻ لاءِ نه پر اسلام جي اشاعت ۽ تبليغ لاءِ جاري ڪيو ويو هو(١)". هي رسالو انهيءَ جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي حالتن جي پيداوار هو. رسالي جو مواد جن موضوعن تي مشتمل هوندو هو انهن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

( الف) مذهبي مواد:

سنڌ جا هندو مسلم رهواسي سياسي ميدان ۾ پنهنجن اختلافن جي ابتدا گهڻو اڳ ڪري چڪا هئا. هن دور ۾ اختلاف سندن ذهنن مان ظاهري ٿي " قلم ۽ هٿ" جي نس نس ۾ سمائجي چڪا هئا. ٻنهي گروهن نه رڳو سياسي، پر مذهبي ڇڪتاڻ جي فضا پيدا ڪري ڇڏي. انهيءَ دور جو ادب به اختلاف ۽ ڇڪتاڻ جي فضا کان پنهنجي دامن بچائي ڪي بچائي نه سگهيو. نتيجو اهو نڪتو جو " مذهبي ادب" باقي " ادب واري حصي" تي ڇانئجي ويو. ماهوار " ترقي" جي جاري ڪرڻ جو اهم مقصد ئي اهو هيو ته سنڌ جي مسلمانن ۾ " مذهبي شعور" پيدا ڪجي. انهيءَ ڪري هن ۾ گهڻي کان گهڻو مذهبي مواد شايع ٿيو. رسالي طرفان سال ۾ هڪ دفعو " خاص" نمبر به ڪڍيا ويندا هئا. جن ۾ " آخري رسول" ، "فاتح سنڌ"، " آخري مذهب" ۽ " قرباني" نمبر قابل ذڪر آهن.

انهن " خاص نمبرن" کان سواءِ وقت به وقت ڪيترائي مذهبي مواد تي مبني ليک رسالي ۾ پوندا رهندا هئا. مثال طور:

| عنوان | ليک | ڪڏهن شايع ٿيو |
| --- | --- | --- |
| پيارو رسول | قاضي جان محمد هالائي | آگسٽ ، سيپٽمبر ١٩٢٦ع |
| خصوصيات اسلام | مولانا رحمت الله هالائي | ايضــــا |

(١) ڏسو " ترقي" ڪراچي ، ماهه آگسٽ ، سيپٽمبر ١٩٢٦ع ص٣٦

| | | |
|---|---|---|
| ٧ـ گوتم ٻڌ | - | نومبر ١٩٢٢ |
| ٨ـ چار يار ـ لعل شهباز | جيٺمل پرسرام | ڊسمبر ١٩٢٢ |
| ٩ـ ڀائي وسڻ رام جي جيوت | ايضا | جنوري ١٩٢٥ |
| ١٠ـ بيبي رابعہ بصري | شڪارپوري هندو | مارچ ١٩٢٥ |
| ١١ـ ڀڳت ڪبيرداس | نادر بيگ | جولاءِ ١٩٢٥ |

نظرياتي نوعيت جا مضمون:

| | | |
|---|---|---|
| ١ـ پرلوڪ جا پيغام | مس ايلسا بارڪر، مترجم: جيٺمل پرسرام | جنوري ١٩٢٢ |
| ٢ـ منتر | ليلارام پريم چند | ايضا |
| ٣ـ پرستان | سرڪونن ڊائل مترجم: جيٺمل پرسرام | فيبروري ١٩٢٢ |
| ٤ـ اسلام | ايم ـ يو عباسي | فيبروري ١٩٢٢ |
| ٥ـ گيتا گيان | جيٺمل پرسرام | مارچ ١٩٢٢ |
| ٦ـ ستگورو ديو | - | مارچ ١٩٢٢ |
| ٧ـ ڪامل مرشد ڪير آهي | - | مئي ١٩٢٢ |
| ٨ـ ٻهائي خيالات | ايم ـ يو عباسي | جون ١٩٢٢ |
| ٩ـ سچ | جيٺمل پرسرام | آگسٽ ١٩٢٢ |
| ١٠ـ صوفيانو پيچرو | ايم ـ يو عباسي | آگسٽ ١٩٢٢ |
| ١١ـ گيان اگيان | - | سيپٽمبر ١٩٢٢ |
| ١٢ـ ڪامل مرشد | - | ايضا |
| ١٣ـ حق موجود | هاشو لعلو | سيپٽمبر ١٩٢٢ |
| ١٤ـ خود تصور | ٻولچند پرسرام | ڊسمبر ١٩٢٢ |
| ١٥ـ تصوف ۽ پنگتي شيوا | شيوارام ڦيرواڻي | جنوري ١٩٢٥ |
| ١٦ـ آتم گيان | سوامي هيمراج | مارچ ١٩٢٥ |
| ١٧ـ اپنشد گيان | ائيني بسنت | اپريل ١٩٢٥ |
| ١٨ـ پرلوڪ نسبت منهنجا ويچار، | سر آليور لاج | مئي ١٩٢٥ |
| ١٩ـ تلاش مرشد | نتا سنگ | جولاءِ ١٩٢٥ |

Nor aught so good but, strained from that fair Use,
Revolts from true birth,stumbling on abuse;
Virtue itself turns vice, being misapplied,
And vice sometimes by action dignified.
Within the Infant rind of this small flower,
Poison hath residence, and medicine power;
For this,being smelt,with that part cheers each part;
Being tasted, slays all senses with the heart.
Two such opposed kings encamp them still
In man as well as herbs, grace and rude will;
And where the worser is predominant,
Full soon the canker death eats up that plant.

انگريزيءَ ٻوليءَ ۾ ڏيڻ ۾ ايندو هو.

رسالي ۾ شايع ٿيندڙ مواد کي موضوع وار بيان هيٺ ڏجي ٿو:

پهريون: شاعريءَ جو حصو:

رسالي ۾ ٻن قسمن جي شاعري ڇپندي هئي، پهريون منظوم شاعري ۽ ٻيو اصلي شاعري. منظوم شاعريءَ جو روح ۽ اصل جي - ڪرشنا مورتي هو. اڪثر ڪري سندس ٿي انگريزي ڪلام جو منظوم سنڌي ترجمو ڏنو ويندو هو. ليڪن مترجم جو نالو گهڻو ڪري نه ڏنو ويندو هو. انهيءَ سلسلي ۾ جا هڪ ڳالهه ذڪر ڪرڻ جي قابل آهي، اها هي آهي ته منظوم ترجمو تنهن وقت جي سنڌي ۾ آزاد نظم جو ٻي مثال نمونو هوندو هو، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ آزاد شاعريءَ جو آغاز گهڻو اڳ ٿي چڪو هو. هن هيٺ اهڙي قسم جي شاعريءَ جو نمونو ڏجي ٿو(١).

" آهيان آئون توسان "

سڪند وسي جئن گل اندر،
تئن تاريان توکي دل اندر.
آهيان آئون اڌار ۾ آنند،
دنيا،
تار مون کي دل اندر.
ڌرتيءَ منجهه جئن اونها اندر -
هيرا لال وسن،
تئن تو دل درياهه ۾،
لڪل آئون لالن.
جاڻ سنڌءِ تو مون کي ڇوري آهي،
تون نه ڪرين ٿو اگرچ خيال ڪو منهنجو،
پر دنيا منهنجي پر توسان پيارا آهي.
مڙهيءَ ۾ مسجد، ڏيول اندر،
اگرچه پوڇين ٿو تون مون کي،

(١) ڏسو، "ستاره" حيدرآباد، ماهه فيبروري ١٩٢٨ع ص ٣

تہ بہ آهيان ڏاريو آئون توکي.
توَن تہ منهنجو آهين پريہ سکا،
گرَچہ لڙين توَن،
پنهنجن سان،
هڏ نہ وساريان آئون توکي،
ڀڙو پربت سندو رهي
جئن سانت ڀريہَ ماٿر مٿان،
ڇانو ڏيان آئون توکي -
دنيا ۾،
پنهنجي هٿ جي ڀاڇي سان.
بادل برسي ريج ڪري،
سڪ ٿوٽ اجايل پٽن مٿان،
آئون اڇان ٿو -
اي دنيا
پريہ دنيا جي ڀاڪر سان.
تنبُ نہ ڪر،
آهيان آئون توسان،
دنيا ۾،
اڪ چنبَ ۾،
ڏس ڀرسان.
رڪ صاف ۾ ساوو
هردو پنهنجو،
دنيا،
ڀو ڪر آدر منهنجو.
آهيان آئون پريتم تنهنجو،
دل گهريو دلبر آئون تنهنجو.

من رڪ

نرمل ۾ سانتيڪو ،

دنيا

پڇ سر سمجهين منهنجو.

سڌ ٻڌ تنهنجي آئون آهيان ،

انهيءَ سندو گنج آهيان.

دنيا ،

ڏس ، آهيان آئون توسان ،

ڪير ڪندو پر منهنجي آجيان؟

مندر ۾ ٿو آئون وهان ،

پاسي پر ٿو آئون ٻيهان ،

ماڳون ماڳ ڦرن جي پاڇا -

تن تي ويٺو نظر ڏريان.

رسالي ۾ جيڪا اصلي نوعيت شاعري پوندي هئي ، انهيءَ جي مثال لاءِ لعلچند امرڏنومل "اڏين" جا بيت هيٺ ڏجن ٿا (١).

" آنندي دربار "

١- آنندي دربار ۾ ، جت لک وهي لوٺـــــــي

اچون هلون موٺي ، ٿيون هيڪانديون هوت سين

٢- آنندي دربار ۾، جت جانب سنـــدي جُـــوءِ

اچو پسون روءِ ، لالـــي لالـــن يار جـــي

٣- آنندي دربار ۾ ، جت ورس نڪو ورلاپ

اچو ٿو آلاپ ، الهـــدي جهنڪـــار جـــو

٤- آنندي دربار ۾ ، جت نرمل نـــور وســـي

دئويءَ کي ات دسي ، ٿيون هيڪانديون هوت سين

(١) ڏسو ، "ستارهه" حيدرآباد ، ماهه جون ١٩٢٨ع ص ٢٠

## ملا اسڪولس مخزن

**تعارف:** هي ماهوار مخزن جنوري ۱۹۲۰ع کان وٺي جاري ٿيو. "اخبار تعليم" جيان، هن مخزن جو ايڊيٽر به وقت جو ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جو پرنسپال هوندو هو. مخزن تقريبا ۳۲ صفحن تي مشتمل هوندي هئي ۽ ان جي سائيز به "اخبار تعليم" جيتري هوندي هئي، ۽ ان جيان ڪمشنر پرنٽنگ پريس ڪراچيءَ مان ڇپبي هئي.

**مواد:** مطالعي هيٺ آيل مخزن ۾ نثر توڙي نظم تي مشتمل مواد پوندو هو. جيڪو هندو توڙي مسلمانن استادن توڙي عالمن جو لکيل هوندو هو. مخزن جي مواد کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪڙو مستقل ۽ ٻيو متفرقه. "مستقل مواد" ۾ ملڪي ۽ غير ملڪي خبرن کان سواءِ جنگي زماني ۾ "جنگي خبرون" به ڏنيون وينديون هيون. ان کان سواءِ وقت به وقت سنڌ ۾ ٿيندڙ تعليمي جلسن ۽ گڏجاڻين جون ڪارروايون به هن مخزن ۾ شايع ٿينديون هيون. تنهن کان سواءِ سرڪاري پڌرناما ۽ تعليم کاتي جا سرڪيولر به هن مخزن جي "مستقل مواد" ۾ اچي وڃن ٿا. "متفرقه مواد" جو تار تار احوال هيٺ ڏجي ٿو:

تعليمي مواد: مخزن ۾ تعليم ۽ تعليم سان واسطو رکندڙ سمورن ڳالهين تي مضمون ڏنا ويندا هئا، جيڪي استادن کان سواءِ عام ماڻهوءَ جي معلومات ۾ اضافي جو باعث ٿيندا هئا. مخزن ۾ شايع ٿيل اهڙي مواد جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو:

| عنوان | ليکڪ | مهينو، سال |
|---|---|---|
| ۱- هڪ دلچسپ گفتگو | ؟ | مئي ۱۹۲۱ع |
| ۲- ملا مڪتب جي بهبودي | عبدالرحمان | مئي ۱۹۲۶ع |
| ۳- علم ۽ اپياس | تاج محمد | مئي ۱۹۲۶ع |
| ۴- موجوده نصاب تعليم ۽ منجهس زراعت ۽ صنعت وقت جي ضرورت. | عبدالرحمان | اپريل ۱۹۳۰ع |
| ۵- ضابطو ۽ انتظام | علي خان ابڙو | ڊسمبر ۱۹۳۱ع |
| ۶- آمريڪا ۾ زناني تعليم | محمد عيسىٰ | جنوري ۱۹۳۴ع |

ڪهنو خان، عبدالخالق فارقي، محمد قاسم هالائي، ثناءُ الله " ثنائي" ،
محمد رمضان "ثاقب"، حاجي "حقير" ابن منگڻ ، مولوي محمد ابــراهيـم ،
محمد صالح هالائي، سرائي نظام الدين، محمد ابراهيم مهيري.

## ڊي - جي سنڌ ڪاليج مسيلني

تعارف: هي ڇهه ماهي علمي ۽ ادبي مخزن ڊي - جي سنڌ ڪاليج مان ١٩٠١ع کان وٺي جاري ٿي. هن مخزن جو باني ساڌو ٿانورداس واسواڻي هو (١). هو پاڻ تنهن زماني ۾ ڪاليج ۾ پروفيسر هو. مخزن سنڌي، انگريزي ۽ گجراتي ٻولين ۾ شايع ٿيندي هئي. ان جا ايڊيٽر ڪاليج جا استاد ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر ڪاليج جا شاگرد يا شاگرديائيون هونديون هيون. مخزن سال ۾ ٻه دفعا - فيبروري ۽ آڪٽوبر ۾ شايع ٿيندي هئي. هي مخزن ١٩٤٧ع تائين جاري رهي.

هن مخزن جي سنڌي واري حصي جي ابتدا ۾ هميشه لاءِ مرزا قليچ بيگ جي شعر جون هي مصراعون ڏنيون وينديون هيون.

"ٿئين علم ۾ جي ڪامل - ڪر عمل ڪي پڻ شامل
عالم جي نه ٿيو عامل - دفتر لکيو ته ڇا ٿيو.."

مواد: هن مخزن ۾ ڪاليج جي شاگردن ۽ استادن کان سواءِ سنڌي ٻين ناميارن شاعرن ۽ اديبن جون ادبي تخليقون به ڇپنديون هيون. مخزن جو ادبي مواد ڪهاڻين، مضمون، ناٽڪ ۽ شعر و شاعري تي مشتمل هوندو هو. هن مخزن ۾ شايع ٿيل ادبي مواد جو مختصر وچور صنف وار هيٺ ڏجي ٿو:

مضمون:

| عنوان | ليکڪ | ڪهڙي سال شايع ٿيو |
|---|---|---|
| سنڌي عبادت | پرمانند ميوارام | ١٩٠١ع |
| چنڊول | پرنسپال شهاڻي | ١٩٠٨ع |
| ڀل مانسي | ديوان ڪوڙومل | ١٩١٢ع |
| لطيفي لات | جيٺ مل پرسرام | ١٩١٣ع |
| حب وطن | ٽولارام ٻالاڻي | ١٩١٤ع |
| اک | ڀيرومل مهرچند | ١٩١٦ع |
| حياتوءَ جي حقيقت. | جهامنداس ڀاٽيه | ١٩١٦ع |
| مرتيو کان ڀڄو ڇا ٿو ٿئي؟ | رامچند اجواڻي | ١٩١٦ع |

(١) منگهارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ"، ڪونج پبليڪيشن، ٻمبئي، ١٩٦٧ع ص ٢٤٢

مخزن ۾ شايع ٿيندڙ " شاگرد - شاعرن" جي شاعري مان " روچي آڏواڻي" جو ڪلام هيٺ ڏجي ٿو:

" شبنم "

قدرت ڪلا سان پنهن جي رنگت وڏي رچائي
شبنم اچي گلن تي مسرت منئي مچائي

پرڀات جي پهر ۾ چربو ڪشي چمن ۾
شبنم ته شونق ٿي چلڪڻ لڳي چڱن ۾
موتين جي مالا موجي پئي آ جڻ پنن ۾
هيرا هزارين لٽڪن گلڙن جي جڻ ڳلن ۾
اهڙو نظارو نرمل لنو لنو ۾ لهر لائي
شبنم اچي گلن تي مسرت منئي مچائي.

سمنڊي سپن جي موتين کان موتي هي نرالا
تانگڻ ترڻ لاءِ آهن ڪيڏا نڪي ڪشالا
دزدي دغا کان آجا سنڀال کان سي سولا
غربي غنوءَ جي ملڪيت پيدا ڪئي آ مولا
خوش دل خزانو اهڙو راحت وڏي رچائي
شبنم اچي گلن تي مسرت منئي مچائي.

شبنم نفيس اهڙي سختي نه جا سهي ٿي
گرمائش ۾ سورج جي هڪ پل نه پي رهي ٿي
جهوٽي هوا لڳڻ"سان پن - تخت" تان لهي ٿي
ٻوٽي جي چرن ڏي پو ٿه ٿه ڪري وهي ٿي
ڪمزور سبز هستين کي موت کان بچائي
شبنم اچي گلن تي مسرت منئي مچائي.

ٿي فراق جي ٿنيل کي شبنم خوشي رسائي
لڙڪن جو ٿي گلن تي پرٿون جڏهن پسائي

"اڄ رات ٻيءِ رنيءَ آ" عاشق کي ٿي سڻائـــــي
دل درد ۾ دلاسو هڪ خـــواب ٿي وسائـــــي
راحت جوراز منٽرو ٿـــــــي روح ۾ رچائـــــي
شبنم اچي گلن تي مسرت مٿي مچائـــــي (١)•

---

(١) ٻي - چي سنڌ ڪاليج مسلني" جلد ٤٥، نمبر ٢، فيبروري ١٩٤٢ ص٢٤

معمہ" • رسالي جي ايڊيٽر کي جڏهن بہ اردو مواد - خاص ڪري شاعري ٿي مليو تہ هن انهيءَ جي اشاعت لاءِ ڪا بہ ڪسر نہ ٿي ڇڏي• ٻي اهم ڳالهہ اها هئي تہ هي ڪراچي مان شايع ٿيندڙ مسلمانن جو اهو پهريون رسالو هو، جنهن ۾ اڪثر ڪري "انعامي معمہ" ڏنو ويندو هو ۽ انهيءَ جي حل ڪرڻ تي هڪ سال لاءِ مفت رسالو ڏنو ويندو هو• رسالي ۾ شايع ٿيل پهريون معمو هو:(١)•

١- هڪ مشهور مصنف جو نالو: اااددمہمح ح ن س ي ز

٢- هڪ مشهور شاعر جو نالو: ااا ل ل ح ح ي ي ن س ف

٣- هڪ مشهور بادشاهہ جو نالو: وو ي مہ م ح غ د ز ن

٤- هڪ مشهور اخبار جو نالو: ا ب ت س ص ح ر هہ

٥- هڪ مشهور ليڊر جو نالو: اا ن ج خ ل مہ•

---

(١) ڏسو، "ڪامياب" ڪراچي جلد ١، نمبر ١، مارچ ١٩٣٣ ص ٢٨

## ٽالپور

تعارف: هي هفتيوار اخبار محمد اسماعيل زرگر جي ايڊيٽريءَ هيٺ پهرين سيپٽمبر ۱۹۴۱ع کان وٺي ڪراچيءَ مان جاري ٿيو. اخبار جو دفتر نيو سنڌ پريس سول اسپتال روڊ ڪراچيءَ ۾ هوندو هو ۽ اها سول لائين ملٽري پريس حسن علي آفندي روڊ ڪراچي ۾ ڇپبي هئي. اخبار جو پبلشر محمد اسماعيل زرگر ۽ پرنٽر حاجي نذيرالدين حافظ عبدالڪريم هوندو هو. اخبار جو في پرچو هڪ آني جو هوندو هو. هن جي سائيز ۱۰ ۱۲ ۽ صفحا اڪثر ڪري ڇهه هوندا هئا.

پاليسي: اخبار مذهبي پيڊ کان پاڪ هوندي هئي. سچ چوڻ ۽ خدمت ڪرڻ انهيءَ جا ٻه زرين اصول هوندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو اخبار جي ٽائيٽل جي ٻنهي طرفن کان نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جا هي فرمان لکيل هوندا هئا:

ساڄي طرف کان: "حضور شهنشاهه دوجهان صلي الله عليه وسلم جن فرمائن ٿا ته سڀ کان چڱي جهاد اها آهي ته هميشه حق ۽ سچ چئي ڏجي".

کاٻي طرف کان: " حضور شهنشاهه دوجهان صلي الله عليه وسلم جن فرمائين ٿا ته سڀ کان چڱي مشغولي اها آهي ته انسان ذات جو همدرد رهي خدمت ڪجي".

ترتيب: اهو دور مهاڀاري لڙائي جو زمانو هو، ان ڪري اڪثر ڪري پهرين اڳين صفحي تي جنگي خبرون ڏنيون وينديون هيون ۽ جيڪڏهن ڪا جاءِ بچي پوندي هئي ته پوءِ "سنڌ جون خبرون" ڏنيون وينديون هيون. اخبار جو ٻيو صفحو هميشه ايڊيٽوريل لاءِ وقف هوندو هو. اخبار جو باقي مواد عوام جي شڪايتن ۽ حڪايتن تي مشتمل هوندو هو.

مواد: اخبار جي مواد کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو:

( الف ) خبرون

( ب ) ايڊيٽوريل

( پ ) عوامي شڪايتون

حيات شاهه، رشيد "ارشد"، شمشيرالحيدري"، پليڊنو"نماڻو"، گل نصرپوري"؛ "خواب" حيدرآبادي، محمد جمن "هالو"، اسحاق هالائي، رشيد لاشاري، رکيل شاهه، بلاول پرديسي، تاج بلوچ، ميوهه خان"مچ"، "مجرم" لغاري، "حليم" ھوٿائي، "محسن" ۽ امداد حسيني.

هن رسالي ۾ شايع ٿيندڙ شاعريءَ جا موضوع محدود ڪونه هوندا هئا، قوميت کان وٺي مذهب تائين، حسن کان وٺي عشق تائين، هر موضوع تي شاعري ڏني ويندي هئي.

خاص نمبر: اداري طرفان مکيه موقعن تي خاص نمبر به ڪڍيا ويا. سيپٽمبر ١٩٥٦ع وارو پرچو "شاهه عبداللطيف نمبر" ڪري ڪڍيو ويو، جنهن ۾ ڀٽائي گهوٽ جي نظم ۽ نثر تي مواد ڏنو ويو. هن پرچي جي سينگارينـدڙن ۾ علامه آءِ - آءِ قاضي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، مولائي شيدائي ۽ شيخ اياز جا نالا قابل ذکر آهن. سيپٽمبر ١٩٥٨ع ۾ به "شاهه نمبر" ڪڍيو ويو جنهن ۾ غلام محمد شاهوائي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، دين محمد وفائي، عثمان علي انصاري جي مضمونن کان سواءِ پرسرام "ضيا"، ابراهيم "خليل" ۽ محمد خان "غني" جا سلام شايع ٿيا.

| | | |
|---|---|---|
| ۴- "ڪالهين جو ڳنڍو" | ليکڪ ليلارام ولائتراءِ | آکاڻيون |
| ۵- "پلڪ ۽ پلئو" | ليکڪ هولارام ڪوڙومل آهوجا | آکاڻي |
| ٦- "پٽ پاڻ" | ليکڪ ٺاڪرداس گورسهاڻي | آکاڻي |
| ۷- "ديوان گل" | مرتب ؟ | شاعري |
| ۸- "لطيفي سٿر" | ليکڪ پيرومل مهرچند آڏواڻي | سٿر سفر |
| ۹- "هندو نارين سان ويل" | ليکڪ ؟ مترجم لالچند امرڏنومل | مضمون |
| ١٠- نقد ڌرم | ليکڪ لالچند امرڏنومل | ناٽڪ |
| ١١- "سر ڪيدارو" | ليکڪ لالچند امرڏنومل | شاعري ۽ تنقيد |
| ١٢- "چوٽ جو چنڊ" | ليکڪ لالچند امرڏنومل | ناول |
| ١٣- "رام بادشاهه" | ليکڪ لالچند امرڏنومل | سوانح |
| ١۴- "مکر" | ليکڪ موليئر؛ مترجم جهمٽمل | ناٽڪ |
| ١۵- "چو ۽ ڪيئن؟" | ليکڪ ويرومل هيمون مل | آکاڻي |

